سنڌ جا موجوده مسئلا

ڊاڪٽر
حميده
کهڙو

سنڌ جا موجوده مسئلا

ڊاڪٽر حميده کهڙو

ڇپيندڙ :- منصور قادر جوڻيجو
ڇاپو :- ماروئي فائونڊيشن ڪراچي
ڇپيندڙ :- آڪاش پرنٽرس حيدرآباد
تعداد :- هڪ هزار
سال :- ١٩٨٦ع

اداري پاران

اسان سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال تي هي ننڍڙو مضمون شايع ڪري رهيا آهيون جيڪو ڊاڪٽر حميده کهڙو لنڊن وچڙ ڪان اڳ لکيو هو. ڊاڪٽر صاحبہ جو هي موجوده مضمون سنڌ جي اصل مسئلن جي نشاندهي ڪري ٿو. هن مضمون ۾ هر ننڍي وڏي مسئلي تي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي. اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون تہ سنڌ جي مسئلن تي جيڪي مختلف ڌارين ٻولين ۾ ڪتاب ڇپجي رهيا آهن پر سنڌ جي عام ڇوڪري (پڙهيل پرايو سور هرڪا پنهنجا روئي) جيان نالو تہ سنڌ ۽ سنڌين جي مسئلن جو استعمال ڪيو ٿو وڃي پر روئڻا هرڪو پنهنجا ٿو روئي. تنهنڪري اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ ان سلسلي ۾ سنڌيءَ ۾ ننڍڙن ڪتابڙن جو هڪ سلسلو شروع ڪريون جنهن ۾ موجوده ننڍن وڏن مسئلن جي نشاندهي ڪيل هجي ان سلسلي ۾ هي پهريون ڪتاب آهي اميد تہ ليکڪ دوست ان ڏس ۾ اسان جو ساٿ ڏيندا. ۽ سنڌ جي مسئلن تي پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ آهر ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندا.

(ادارو)

سنڌ جي سياسي صورتحال

اسان هن ننڍڙي ڪتابڙي ۾ ”سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال“ جو جائزو وٺنداسون. ڇو ته هي دؤر سنڌي ماڻهن جي سجاڳيءَ جو دور آهي. هن وقت ڪنهن حد تائين سنڌي ماڻهن پنهنجن حقن کي سڃاڻڻ شروع ڪيو آهي ۽ ان جي حاصلات لاءِ سوچڻ به شروع ڪيو آهي ۽ عملي طرح ميدان عمل ۾ به نڪتا آهن، ماضيءَ جيان سنڌين پنهنجن روايتي بهادري ذريعي هن وقت به دنيا ۾ پاڻ مڃائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ڇو ته هنن ماضيءَ ۾ جڏهن به سنڌ واسين تي حملا ٿيا هئا ته پنهنجو هر مرحلي تي بچاءَ ڪيو هو. اخلاقي قدرن ۾ سنڌي اڄ به دنيا کان اڳرا آهن ۽ دنيا کي سيکاري سگهن ٿا. پر ورهاڱي کان پوءِ جيڪو ڪجهه سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ڀوڳيو ۽ برداشت ڪيو آهي انجو دنيا جي تاريخ ۾ مثال ئي نٿو ملي، ۽ سنڌين جي سوچ، رهڻي ڪهڻي، اٿڻ ويهڻ، ريتن رسمن ۽ رواجن تي تمام گهرو اثرپيو آهي اڄ ان جا اثر نروار ٿي بيٺا آهن، ننڍي ڪنڊ۾ سنڌ ئي آهي جيڪا جديد بيٺڪيت جو نمونو بڻجي چڪي آهي،

سنڌ کي انگريزن هڪ آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ فتح ڪيو ۽ هڪ جديد پينڪيٽ جي روپ ۾ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙي ويا، نتيجي ۾ اڄ سنڌ فوجي ڇانوڻي بڻيل آهي، شهرن ۾ سنڌي ٻولي ختم ٿي چڪي آهي، سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري جاري آهي، ڌاڙيلن جي آڙ ۾ سنڌي ماڻهن جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي. سنڌ ۾ هٿيارن ۽ هيروئن جو واپار زورن تي آهي جنهن ڪري چوڌاري بدامني ۽ خوف هراس ڦهليل آهي، تعليمي ادارن کي جيلن ۽ ٿاڻن ۾ ۾ تبديل ڪري قلم ۽ علم ، ٿان بندوق جو پهرو ويهاريو ويو آهي، سنڌ جي ماڻهن کي اغوا ڪرڻ خاطر مختلف قسم جا ڊيم ٺاهيا پيا وڃن، سنڌ جا شهر ڌارين جي آباديءَ جي دٻاءَ ذريعي سنڌين کان کسيا ويا آهن، هزارن جي تعداد ۾ سنڌي نوجوان بيروزگاريءَ جون ڊگريون هٿن ۾ کڻي وزيرن جي پٺيان ڊوڙي رهيا آهن، ناڻي کي اڻبرابريءَ وارن طريقن سان ورهايو پيو وڃي سنڌين جي زرعي پيداوار تي. ڌاڙا لڳي رهيا آهن، سنڌي هارين کي به ويلا به سک جي ماني نصيب ناهي، سنڌي ماڻهن کي محنت جو اڻپورو اجورو ملي رهيو آهي ۽ سنڌ جي تاريخ ۽ تاريخي هنڌن کي شعوري طرح مٽايو پيو وڃي، ان سڀني مسئلن کي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان سنڌي ماڻهن جي ڌيان تي آڻڻ پنهنجو قومي فرض سمجهان ٿي، پين قومپرست ماڻهن کي به کپي ته مسئلن جي نشاندهي ڪن جيئن اسان به موجوده مشيني دور ۾ دنيا

جي ترقي يافته قومن سان قدم قدم سان ملائي هاي سگهون

ا ـ سنڌ اندر امن امان جي صورتحال

سنڌ اندر امن امان جي صورتحال ڏاڍي ڳڻتيءَ واري آهي، سرڪار هٿ سان اهڙي صورتحال پيدا ڪئي آهي جيئن فوجن کي ان بهاني سان سنڌ اندر گهڙ ڪيو وڃي هن وقت به سون جي تعداد ۾ ننڍيون وڏيون فوجي ڇانوڻيون قائم ڪيون ويون آهن. ايئن پيو محسوس ٿئي ته سنڌ کي فوجي ڇانوڻيءَ ۾ تبديل ڪرڻ جون تياريون ٿي رهيون آهن ۽ ڌاڙيلن جي آڙ ۾ سنڌي ماڻهن جي نسل ڪشي ٿي رهي آهي، سنڌ جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ سنڌي ماڻهن کي قانون نافذ ڪندڙ ادارن جا ٽرينڊ ڪمانڊوز جديد هٿيارن ۽ جديد قسم جي ٽريننگ وٺي ٻـي هٿيار سنڌي ماڻهن مٿان گوليون هلائي انهن کي بي رحميءَ سان ماري رهيا آهن، ايتريقدر جو دادو پرسان اسيءَ سالن جي هڪ نابين پوڙهي کي، ۽ ستن مهينن جي معصوم ٻار کي به ڌاڙيل سمجهي گوليون هڻي ماريو ويو آهي، ڪيتريون ئي مسڪين عورتون انهن ٻـي رحم گولين جو بک ٿي چڪيون آهن ڳوٺن جا ڳوٺ تباهه ۽ برباد ٿي رهيا آهن، سنڌي ماڻهن جا گهر اجڙي رهيا آهن، سنڌ ۾ هيئر به ڪيترن ئي قسمن جا قانون نافذ ڪندڙ ادارا اهڙن آپريشن ۾ حصو وٺي رهيا آهن، فوجي ۽ نيم فوجي ادارا گن شپ هيلي‌ڪاپٽرن ذريعي سنڌين جي

ڳوٺن مٿان گولا وسائي رهيا آهن. هن وقت سنڌ ۾ فوجين کانسواءِ فرنٽيئرڪانسٽيبلري رينجرس ۽ مقامي پوليس سنڌ اندر سرگرم آهي، ڪيترن ضلعن ۾ ته قانون نافذ ڪندڙ ادارا هڪ رٿابندي تحت ڌاڙيلن جي اباڻي ڳوٺن تي چڙهائي ڪري انهن جي گهرن تي ڇاپا هڻي ڪوڙا مقابلا ڏيکاري انهن جي مائٽن کي ماري اخبارن ۾ بيان جاري ڪرائي ٿا ڇڏين ته ”قانون نافذ ڪندڙ ادارن ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ سخت مقابلو ٿيو جنهن ۾ اصل ڌاڙيل ته ڀڄي ويا پر انهن جا ساٿي مقابلي ۾ مارجي ويا“ ۽ ڪٿي ته ائين به ٿيو آهي جو ڪن ٻه ٻن مختلف قانون نافذ ڪندڙ ادارن وچ ۾ پل ۽ غلطي وچان مقابلو ٿيو آهي جنهن ۾ ڪيترائي پوليس وارا مري چڪا آهن اهي به ڌاڙيلن جي مختلف ٽولن جي کاتي ۾ لکيا ويا آهن، ڪوبه آئين ۽ قانون موجود ناهي. ڪنهن کان به ڪو پڇڻ ڳاڇڻ وارو ناهي.

ڏٺو ويو آهي ته جڏهن کان وٺي سکر جيل ڀڳو آهي تڏهن کان وٺي ڌاڙن جي هاڻوڪي صورتحال پيدا ٿي آهي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته سنڌ حڪومت جي بااثر ماڻهن (٨٠) لک روپيا وٺي پاڻ سکر جيل ٽوڙايو ۽ ڦاسي گهاٽ مان اهي ماڻهو آزاد ڪرايا جن سڀني کي ڌاڙن جي سلسلي ۾ مارشل لا ڪورٽن طرفان ڦاسيءَ جي سزا مليل هئي. لڳي ٿو ته حڪومت خود جيل ٽوڙائڻ ۾ ملوث آهي ڇو ته ”ان سان هڪ طرف ڌاڙيلن جي

آڄ ۾ سنڌي ماڻهن جي نسل ڪشي آسان بڻجي ويئي آهي ڇيو تہ سنڌ ۾ فوج رکڻ جو جواز پيدا ٿيو آهي. سنڌ اڄ بہ هڪ فوجي رياست چڻ بڻيل آهي. فوجي آپريشن جاري آهي، سنڌي ماڻهن کي حقن گهرڻ جي عيوض گوليون ملي رهيون آهن، مطلب تہ اڄ تائين پوليس مقابلن ۾ ڏاڙيلن کان وڌيڪ بي ڏوهي سنڌي وڌيڪ ماريا ويا آهن، ڪافي پوليس عملدار انعام ۽ ترقين وٺڻ خاطر ان قتل عام ۾ ملوث آهن.

سنڌ اندر غير قانوني آبادڪاري

دنيا جي بين الاقوامي قانون تحت اهو اصول جوڙيو ويو آهي تہ ڪوبہ ماڻهو ڪنهن ملڪ ۾ مستقل طور آباد ٿي نٿو سگهي جيستائين ان ماڻهوءَ کي اتي جي حڪومت اجازت نہ ڏئي ۽ اتي جي قوميت نہ ڏئي، پرگهڻ قومي ملڪن ۾ پڻ اهڙا اصول مرتب ڪيا ويا تہ ملڪ اندر هڪ قوم يا هڪ صوبي جو ماڻهو ٻئي صوبي جي ماڻهو جو حق کائي نٿو سگهي. پر هتي سنڌ ۽ سنڌواسين سان ٻٽي ناانصافي آهي هتي نہ رڳو ٻين ملڪن جا ماڻهو بغير ڪنهن پاسپورٽ ۽ ويزا جي آباد ٿي چڪا آهن پر هتي غيرقانوني طور ملڪيتون وٺي ٻنان ڪنهن اڳوات اجازت ۽ قومي حق جي، مستقل طور رهائش اختيار ڪري چڪا آهن. بنگلاديش جا ڀڳوڙا، بهاري،

ايراني ڀڳوڙا، افغاني ڀڳوڙا، برمي ڀڳوڙا، هندستاني ڀڳوڙا، (جيڪي گهمڻ جي بهاني چند ڏينهن لاءِ هتي اچن ٿا ۽ پوءِ سڪمل طور هتي رهائش اختيار ڪن ٿا، هڪ اندازي موجب، ته هندستان مان اينڊڙ اردو ڳالهائيندڙ هر سال لڳ ڀڳ ٢٥ هزار ماڻهو هتي اچن ٿا ۽ سنڌ ۾ رهي ٿا پون) تازو ڪراچي ۾ ڏارين ايرانين هڪ ٻئي تي نه رڳو ڪلاشنڪوف استعمال ڪيون پر راڪٽ لانچر ڪان وٺي وچولو مار ڪندڙ توبون پڻ استعمال ڪيون، ٻاهرين آبادڪاري کي نه روڪڻ جي ڪري اڄ به ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٽائيم بمن جي ذريعي سوين ماڻهو مري چڪا آهن. حڪومت ان حقيقت کان نه باخبر آهي ته بمن جا ڌماڪا ڇو ٿي رهيا آهن اهو سڀ ڪجهه خارجه پاليسي جو نتيجو آهي ۽ حڪمرانن ذاتي طور اهڙا بيان جاري ڪيا آهن پر تنهن هوندي به ان جو ڪو تدارڪ نه پيو ڪيو وڃي، سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ اڄ به اهي غير ملڪي رهواسي پکڙجي چڪا آهن جيڪڏهن انهن جي سرگرمين کي نه روڪيو ويو ته بمن جون اهي ڦهري ڪارروايون اندرين علائقن تائين به پکڙجي سگهن ٿيون.

ان کان سواءِ جيئن ته مٿون اڳيئي ذڪر ڪيو آهي ته سنڌ ۽ سنڌي ٽنهي مصيبت ۾ مبتلا آهن، هر روز هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو پنجاب مان ٽرينون ۽ بسون ڀرجي سنڌ جي سرحدن اندر داخل ٿي رهيون آهن، سنڌ ۾ نه

رڳو غير ملڪي ماڻهن کي ٻنان ٻيچا ڳاڇا جي رهائش سهوليتون ۽ نوڪريون ملي رهيون آهن پر پنجابين، پٺاڻن ڪشميرين ۽ ٻين ڌارين کي سنڌ اندر آباد ڪري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جون سازشون ورهن کان وٺي اڄ تائين جاري آهن جيڪڏهن حڪمران ٽولي جون اهي سازشون جاري رهيون تہ اڳتي هلي هڪ ڏينهن سنڌي ضرور ريڊ انڊين ٿيندا. هن وقت جيتوڻيڪ سان ان خيال جي آهيان تہ سنڌي اڄ بہ سنڌ ۾ اڪثريت ۾ آهن ڇو تہ تازي اليڪشن ڪانپوءِ ٿيندڙ صوبائي اسيمبلي ۾ سنڌي ميمبر هڪ واضح اڪثريت ۾ آهن، قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ۾ پڻ نج سنڌي ڳالهائيندڙ ميمبر تناسب جي لحاظ کان واضح اڪثريت ۾ آهن. تنهن ڪري حڪومت کي گهرجي تہ سنڌ اندر ايندڙ ڌارين جي لوڏ کي قانوني طور روڪڻ جي ڪوشش وٺي ٻي صورت ۾ سنڌي ماڻهن جي اڪثريت ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ ختم ٿي سگهي ٿي. ڇو تہ ڌارين جي آبادڪاري سان سنڌي ماڻهن جي حق تلفي ٿئي آهي انهن جي روزگار جا سڀ وسيلا ڌارين جي قبضي ۾ اچي چڪا آهن سنڌي هڪ طرف ٿر اندر قدرتي آفتن جو شڪار بڻيل آهن تہ ٻئي پاسي حڪومتي آفتن جو جيڪي ڌارين جي روپ ۾ مڙهيل آهن انهن جو شڪار بڻيل آهن تنهن ڪري سنڌي ماڻهن جي بنيادي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ انتهائي ضروري آهي.

شهرن انــدر ڏارين جي اڪثريت هئڻ ڪري سنڌُ عادت بڻجي چڪي آهي تہ جڏهن چاهين ٿا حڪومت کي بليڪ ميل ڪري ڇھيڙا جھتا ڪري پئسا وٺــي يا ننڍيا وڏا حق وٺي خاموش ٿي ٿـا وڃن ۽ حڪومت بہ سنڌن ڏيپ کان ڏجي هيسجي کين خاموش ٿيڻ لاءِ وڏيون رقمون ۽ پلاٽ رشوت طور ڏئي ٿي ڇڏي پر سنڌ اندر اصلوڪن سنڌي رهواسين تي فوجي چڙهائي ڪري ڳوٺن کي باهيون ڏئي تباهہ ڪيو ٿو وڃي، کين بي دردي سان ماريو ٿو وڃي پر کين هڪ ڏوڪڙ ۽ پئسو بـہ معاوضي طور نٿو ڏنو وڃي ڇو تہ سنڌن آواز فوجي لانگ بوٽن هيٺيان يا بندوق جي ٺڪاون ۾ گم ٿي ختم ٿي ٿو وڃي ۽ دنيا جي ٻئي ڇيڙي تـائين نٿو پهچي. شهري ماڻهن جو آواز سيڪنڊن ۾ دنيا تائين پهچي ٿو وڃي پر ٻهراڙي ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهن جــو آواز سنڌن لوڙها بہ نٿو ٽپي سگهي.

شهرن اندر رهندڙ ڏارين جي نہ رڳو آواز ۾ طاقت آهي پر اخبارون بہ سنڌن آهن، سنڌي ماڻهن وٽ ڪوبہ ميڊيا ناهي، ڪوبہ اخباري آواز ناهي ان ڪري بہ اهي ڪمزور آهن. پر شهرن ۾ رهندڙ ڏارين ماڻهن سان گڏ انهن جا بليڪ ميلر صحافي ۽ جڙتو هٿ ٺوڪيا سياستدان بہ انهن جي آواز جي ٻهاني سان ڪروڙين روپين جي ملڪيتن جا مالڪ آهن، ۽ سنڌي صحافي ۽ سياستدان سنڌي ماڻهن وانگر بي اثر آهن، اهي بـہ ڏاريـن جــي

رحم ڪرم تي آهن.

٣- هٿيارن ۽ هيروئن جو آزار

سنڌ ۾ هن وقت هٿيار ۽ هيروئن جو مرض وڇڙندڙ بيماري وانگر ڦهلجي چڪو آهي، اهو به هڪ گهري سازش جو حصو آهي. جڏهن کان وٺي افغان پکوڙن جا قدم سنڌ ڌرتي تي پيا آهن تڏهن کان وٺي سنڌي ماڻهو ڪليشنڪوف جهڙي خوني هٿيار مان واقف ٿيا آهن. ايئن ٿو محسوس ٿئي ته ان هٿيار کي ڄاڻي واڻي سنڌ ۾ متعارف ڪيو ويو ڇو ته سنڌي اڳ ۾ ئي قبيلائي جهيڙن ۾ پنهن قومن کان اڳرا رهيا آهن تنهن ڪري اهڙن هٿيارن ذريعي اهي هڪ ٻئي کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا ۽ پيو ته ڌاڙيلن جي سرڪشي کي وڌائڻ خاطر به اهو هٿيار سنڌ ۾ آندو ويو جيئن باهه تي تيل وارو ڪم ٿئي نتيجي ۾ اڄ سنڌ ۾ رت ۽ باهه جي هولي کيڏي پئي وڃي.

ٻئي طرف هيروئن آندي وئي جيڪا پڻ سنڌي نوجوانن کي تباهه ڪرڻ واري گهري سازش جو حصو آهي، ڇو ته ان سازش پٺيان اهو فلسفو هيو ته جتي ڪليشنڪوف ناڪام ٿئي اتي هيروئن کي استعمال ڪيو وڃي. اڄ بلڪل ايئن ٿي رهيو آهي ته ڪليشنڪوف ۽ هيروئن ذريعي سنڌ جو نئون نسل تباهه ٿي رهيو آهي.

جن علائقن مان اهي شيون اچن ٿيون اتان جا رستا بلڪل صاف آهن جيڪڏهن اتي جون حڪومتون چاهين ته انهن پنهي شين جو واپار بند ٿي سگهي ٿو. ٻي جيڪا منصوبه بندي ٿيل آهي ان تحت ان لاءِ سڀ راهون کليون ڇڏيون ويون آهن، مطلب ته انهن ٻنهي شين (ڪلاشنڪوف ۽ هيروئن) جو زهر اڄ سنڌ جي نوجوان نسل جي خون ۾ ڊوڙي رهيو آهي ۽ حڪمران پنهنجي ان رٿا ۾ ڪامياب ويا آهن. اڄ به حڪمران جيڪڏهن سنڌ کي امن جو ديس بڻائڻ چاهين ته ڏقوڙ ڦهلائيندڙ تخريب ڪارن ۽ تشدد پسند ماڻهن کي روڪڻ خاطر سنڌ جون سرحدون بند ڪري ان امن جي منزل تائين پهچي سگهجي ٿو ڇو ته بيوروڪريسي هيٺيان کان مٿي تائين مخلص هجي ته ان تي عمل ڪرائي سگهي ٿي پر ٻڌڻ ۾ آيو آهي ان ٻنهي شين جي وڏي پيماني تي اسمگلنگ ڪرڻ ۾ بيوروڪريسي جي وڏن عملدارن جو به ڪنهن حد تائين هٿ رهيو آهي. ۽ اين ايل سيءَ جون نرڪون ان جو ذريعو رهيون آهن. جنهن مان خبر پوي ٿي ته اها سازش ۽ منصوبه بندي ڪئي آهي جنهن تحت اهو عمل جاري آهي.

٤- ڪالا باغ ڊيم ذريعي سنڌ جي پاڻي جو اغوا

سنڌ جا سڀ سنڌي سياستدان، اديب، دانشور ۽ شعور رکندڙ ماڻهو ڪالا باغ ڊيم ٺاهڻ جا سخت ترين مخالف آهن. نه رڳو قومپرست قوتون يا ترقي پسند طبقا پر پ پ پ ۽ جتوئي صاحب جي اين پي پي به ان عمل کي سخت لفظن ۾ ننديو آهي. ان هوندي به مرڪزي سرڪار ڪالا باغ ڊيم ٺاهڻ ۾ ضد ڪيو ويٺي آهي. ۽ هن وقت تائين ٻڌو ويو آهي ته اٽڪل نوي سيڪڙو ڊيم ٺهي چڪو آهي، ڪالا باغ ڊيم ۽ ٻين ڊيمن جي ٺاهڻ جي پنجاب کي تڏهن ضرورت پئي جڏهن انهن سنڌ کي پنهنجي جديد بينڪيٽ بڻائڻ جو سوچيو.

جڏهن سنڌ اندر ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراج ٺهي راس ٿيا تڏهن پنجابي سياستدانن جون نظرون سنڌ جي انهن زمينن ڏانهن پيون جيڪي انهن بئراجن جي پاڻيءَ تي آباد ٿيڻيون هيون. تڏهن پنجابي سياستدانن، پنجابي فوجي جرنيلن ۽ بيوروڪريسي سان ملي ڀڳت ڪري سنڌ جون اهي زمينون ڦٻائڻ چاهيون، جنهن ڪري ٽن صوبن سنڌ سرحد ۽ بلوچستان جي صوبائي حيثيت ختم ڪري ون يونٽ ٺاهيو ويو ۽ ون يونٽ کان پوءِ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو جي قسمت جو هر فيصلو لاهور ۾ ٿيڻ لڳو، سنڌي ماڻهن جون سموريون وڏيون ۽ اثر واريون نوڪريون پنجابين ۾ ويون ۽ سنڌ جون سموريون اهم ۽ بئراجي زمينون پنجابي هارين، چوڌرين، جرنلن، ڪرنلن ۽ نوڪر شاهيءَ ۾ ورهايون ويون. جڏهن ون يونٽ ٽٽو تڏهن صوبا ته بحال ڪيا

ويا، پر جيڪو ڏڙو هنيو ويو هو اهو مال واپس نہ ڪيو ويو جيڪو اڄ تائين انهن ساڙهن جي قبضي ۾ آهي.

جيستائين پاڻيءَ جي اغوا جو مسئلو آهي تہ "١٩٤٥ع جي سنڌ پنجاب ايگريمينٽ" جهڙي مشهور معاهدي جي فيصلي تحت سنڌو درياءَ تي پاڻيءَ جو پهريون حق سنڌ جو آهي، ١١ سيپٽمبر ١٩٤٥ع تي گورنر جنرل پاڻيءَ جي مسئلي تي ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج بي اين راءِ جي سربراهيءَ ۾ هڪ ڪميشن ويهاري هئي جنهن ۾ سنڌ جو چيف انجنيئر ۽ پنجاب جو چيف انجنيئر ميمبر هئا، ان ڪميشن اهو فيصلو ڏنو هو تہ "سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ تي پهريون حق سنڌ جو آهي." ان سان گڏ سنڌ جي ٽنهي بئراجن (ان وقت تائين سکر بئراج سڪمل ٿي چڪو هو ۽ ڪوٽڙي ۽ گڊو بئراج تعمير هيٺ هئا) جي ضرورت کان جيڪڏهن پاڻي وڌيڪ ٿي وڃي تڏهن بہ سنڌ جيَ اجازت کان پوءِ ئي پنجاب ان کي استعمال ڪري سگهي ٿو، پر ان شرط تي تہ ان پاڻيءَ جو پنجاب کي معاوضو ادا ڪرڻو پوندو. پنجاب پنهنجي ڪنهن بہ درياءَ تي جيڪڏهن آبپاشيءَ جو ڪو منصوبو ٺاهي تہ ان لاءِ بہ سنڌ کان اڳواٽ منظوري وٺڻ ضروري هوندي، ڇو تہ انهن منصوبن سان سنڌ متاثر ٿيندي پيو تہ سنڌو درياءُ سنڌ جي ملڪيت آهي تنهن ڪري ڪالاباغ ڊيم کي اسان سنڌ خلاف هڪ گهري سازش سمجهندي ان

جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا ڇو ته پنجاب پنهنجي طاقت ۽ بندوق جي زور تي اهو ڊيم ٺاهي رهيو آهي جنهن لاءِ معاهدي مطابق سنڌ کان ڪابه اڳواٽ منظوري نه ورتي ويئي آهي. سنڌ جي پاڻيءَ کي يرغمال ڪرڻ ۽ سرسبز ۽ شاداب سنڌ کي ٿر وانگر رڻ پٽ ۾ تبديل ڪرڻ خاطر پنجاب ڪالاباغ ڊيم ٺاهي رهيو آهي ته سگهي ته ان ذريعي سنڌ کي بليڪ ميل ڪيو وڃي، پنجاب پنهنجا ٽي درياءَ چناب، ستلج ۽ بياس اڳ ئي هندستان کي وڪڻي ڇڏيا آهن جڏهن ته هن وقت پنجاب وٽ رڳو ٻه درياءَ جهلم ۽ راوي موجود آهن. تاريخ شاهد آهي ته اج کان ۱۰۵ سال اڳ پڻ پنجاب ٿل پراجيڪٽ جو منصوبو ٺاهيو هيو جيڪو پڻ موجوده ڪالا باغ ڊيم واري هنڌ تي هيو. ان لاءِ پنجاب، سنڌ جي پاڻي استعمال ڪرڻ خاطر هند جي وائسراءِ لارڊ جيمس فورڊ کي درخواست ڏني هئي جيڪا وائسراءِ رد ڪندي حڪومت پنجاب کي تنبيهه وارن لفظن ۾ لکيو هو ته "سنڌو درياءُ جي پاڻيءَ تي رڳو ۽ رڳو سنڌ جو حق آهي." ان وقت ته اهو معاملو ختم ٿي ويو هو پر اڄ وري ان معاملي کي اپاري ڪالا باغ ڊيم ٺاهيو پيو وڃي جنهن کي روڪڻ ئي ملڪي مفادن لاءِ بهتر آهي.

٥- سنڌ جي زمينن تي ناجائز قبضا:

اڄ تائين سنڌ اندر لکين ايڪڙ زمين غير سنڌين کي ڏني ويئي آهي. ورهاڱي بعد پنجاب جي چالاڪ ۽ طاقتور حڪمران ٽولي هڪ سٽيل سازش تحت پنهنجي پنجاب جي فوجي جرنلن، ۽ ڪرنلن نوڪر شاهي جي اعليٰ عملدارن کان وٺي پنجابي هارين تائين هر طبقي وارن کي جڏهن به ڪنهن انعام ۽ اڪرام ۾ ڪا زمين ڏني ويئي ته اها به سنڌ ۾ ڏني ويئي، جيڪو سنڌ کي پنجاب جي جديد نوآباديت بڻائڻ جو جيئرو جاڳندو دليل ۽ ثبوت آهي. ايتريقدر جو سنڌ ۾ اهو به مشهور ٿيو ته نورجهان جڏهن به ڪو چڱو نغمو ڳائيندي آهي ته سنڌي ماڻهون پريشان ٿي ويندا آهن ته متان ان جي بدلي ڪيس انعام ۾ سنڌ جي ڪا زمين ملي.....!!! اڄ به سنڌي ايترو ڏنل آهن جو پنهي ڪنارن تي پيل سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين ڪوڏين جي اگهه تي بااثر غير سنڌين ۾ ورهائي ويئي آهي. جيڪا وڏي ناانصافي آهي، مطلب ته سنڌ کي فتح ڪيل علائقو سمجهي سنڌ جي ملڪيت کي مال غنيمت طور ورهايو ويو آهي ۽ اهو ئي سبب آهي جو سنڌواسين هر اهڙي حڪمران کي نفرت جي نگاهه سان ڏٺو آهي. مون کي هن وقت تائين اندروني سنڌ ۾ سرڪار پاران ڏنل زمين جا جيڪي انگ اکر مليا آهن انهن مان دادو ضلع جا انگ اکر هيٺ ڏيڻ ٿا، ٻين ضلعن جا انگ اکر اڳتي هلي پيش ڪبا. مثال طور هي

انگ اکر ڪافي آهن.

نمبر	تعلقو	جملي ايڪڙ
١ــ	خيرپور ناٿن شاهه	٨٢٠٠٠ هزار ايڪڙ
٢ــ	ميهڙ	٢٤٢٠٠٠ " " "
٣ــ	سيوهڻ	١٢٩٠٠ " " "
٤ــ	جوهي	٦٨٢٠٠٠ " " "
٥ــ	ٽاٽو بولا خان	٢٨٢٠٠٠ " " "
٦ــ	ڪوٽڙي	٥٠٠ سؤ ايڪڙ
	جملي	٢٢٠٠٢٤٠٠ لک ايڪڙ

مٿين انگن اکرن کان سواءِ هڪ سؤ چوويهه (١٢٤) الاٽي اهڙا به آهن جن کي هڪ هزار ايڪڙن کان گهٽ زمين به ملي آهي، ظلم اهو آهي جو سڀي زمين ڌارين کي ملي آهي دادو ضلعي جي ڪنهن رهواسيءَ کي هڪ ايڪڙ به زمين ناهي ملي. سپر هاءِ وي جي ٻنهي ڪنارن تي ملڻ زمين جا سمورا انگ اکر هفتيوار "جاويد" خيربور جي شمارن ۾ تفصيل سان ڇپيا آهن.

سنڌي هارين تي ظلم

سنڌ ۾ زمين تي جيڪا ٽيڪس مڙهي ويئي آهي اها ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾، تمام وڌيڪ آهي. جنهن جو سڌو سنئون اثر سنڌي هاريءَ تي پوي ٿو ڇو ته سنڌي ماڻهو گهڻو ڪري هاري آهن، سنڌڻ معاشي حالتن جو

دارو مدار هارين تي آهي. سنڌ ۾ خاص فصل چانور ۽ ڪڻڪ تين ٿا جن سان هارين کي ڪابه خاص بچت نه آهي ڇو تہ اڪثر ڪري آن فصل سان ڪجهہ حصو پنهنجي سال جي کاڌي پيتي لاءِ رکندا آهن ۽ باقي واڌوان زندگيءَ جي ٻين ضرورتن پوريون ڪرڻ خاطر مارڪيٽ ۾ وڪڻي ڇڏيندا آهن، جيڪو واپاري گهٽو ڪري رکت تي کڻندا آهن ۽ قسطن ۾ کين پئسا ملندا آهن جيڪي اُڳتي هلي سرڪاري ادارا خريد ڪندا آهن ۽ ان پرائي محنت تي هزارين روپيا ڪميشن ڪمائيندا آهن، پر ڪجهہ عرصي کان پوءِ اهو سڀ ساڳيو ان وڏن شهرن ۾ انهن ئي هارين ۽ کاتيدارن کي ٻيڻي ٽيڻي اگهہ تي ملندو آهي.

انگريزن جي دؤر ۾ ڊيل ورتي ويندي هئي جيڪا ختم ڪري هاڻي عشر جي روپ ۾ ورتي پئي وڃي، ڊيل پيداوار جو تمام ٿورو حصو هوندي هئي پر عشر ان کان وبهوڻو ڪيو ويو آهي پر وڏي ۾ وڏي نا نصافي اها آهي تہ سنڌ ۾ پنجاب جي ڀيٽ تمام وڌيڪ عشر ورتو پيو وڃي. سنڌ ۾ انبن، زيتونن يا ٻئي فروٽ جي باغن تي في ايڪڙ ١٥٠ (ڏيڍ سؤ) روپيہ عشر ورتو ٿو وڃي جڏهن تہ پنجاب ۾ ساڳئي قسم جي باغن تي ٢٠ (ويهہ) روپيہ في ايڪڙ عشر ورتو ٿو وڃي. جيڪا ڳالهہ پنجاب خلاف نفرت پيدا ڪرڻ جو سبب آهي ۽ سنڌي محسوس ٿا ڪن تہ اها ناانصافي آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو تہ سنڌي هارين ۽ کاتيدارن سان جيڪا ٻي وڏي ۾ وڏي

ناانصافي ٿئي ٿي اها هيءَ آهي تہ سنڌ ۾ فصل لهڻ
کانپوءِ قيمتون مقرر ڪندا آهن، پر پنجاب ۾ فصل لهڻ
کان اڳ قيمتون ئي مقرر ڪري ڇڏيندا آهن نتيجي طور
سنڌي هاري توڙي ڪاتيدار ٻئي نقصان ۾ ويندا آهن ۽
پنجابي هاري ۽ ڪاتيدار فائدي ۾ ويندا آهن. جيڪا پڻ
سرڪاري سطح تي سنڌين سان شعوري ناانصافي آهي،
مطلب، تہ پنجاب هر لحاظ کان فاعدي ۾ رهي ٿو،

ايوب جي دؤر کان وٺي ٽيوب ويل هنيا ويا جنهن
لاءِ ڪيترن ئي بين الاقوامي ادارن امداد پڻ ڪئي هئي
ٽيوب ويل هڻڻ جو مقصد زمين مان سم ۽ ڪلر جو
جو خاتمو ڪرڻ هو، جيئن تہ شروع ۾ پنهنجي هڙان
وڙان خرچ ڪري ڪاتيدار يا هاري ٽيوب ويل هڻائيندا
هئا تنهنڪري ان تي ڪنهن کان ڪجهہ بہ نہ ورتو
ويندو هو، پر هاڻي في ڪاتيدار (١٦) روپيہ في فصل،
في ايڪڙ جي حساب سان ورتو پيو وڃي، ٽيوب ويل
هلي يا نہ هلي، پاڻي مٺو نڪري يا کارو، زمين جي
ڪم اچي يا نہ پر پوءِ بہ ڪاتيدار کي پئسا ڀرڻا پون
ٿا تنهنڪري هينئر سنڌي ڪاتيدار توڙي هاري هر وقت
حڪومت جو قرضي ٿو رهي جڏهن بہ سرڪار ڏمرجي
ٿي تہ انهن خلاف ڪاروائي ڪئي تي وڃي ۽ پوءِ
مختيارڪار کي رشوت ڏئي پنهنجي جان ٿا بچائين،

سرڪار بئنڪن جي معرفت جيڪي اسڪيمون
شروع ڪندي آهي ان مان پڻ هارين کي ڪوبہ فائدو

ٿو ملي جيڪو بنان وياج جي قرض هارين کي ملندا آهن اهي گهڻو ڪري قرضي ۾ ڪوڙن نالن ۾ بااثر ماڻهو گهڻو ڪري رائس ملن ۽ انهي جي ملن وارا وٺي ٿا وڃن. پر ڪي ننڍا ڪاتيدار جيڪي پلجي قرض حاصل ڪندا آهن، ٽريڪٽر لاءِ قرضي حاصل ڪرڻ بعد هڪ طرف سڄي عمر بئنڪ جا قرض رهندا آهن، ته ٻئي طرف پوليس کان ڏڇندا وتندا آهن جنهن مان ثابت ٿيو ته سنڌي هاري توڙي ڪاتيدار ٻئي غربت جي چڪيءَ جو شڪار هوندا آهن.

٧- فوج جو فنانشل دماغ ۽ سنڌ تي ٽيڪسن جو بار ۽ قدرت خلاف جنگ:

سنڌ جو نه رڳو پاڻي ڦريو ويو آهي پر زمينون به ڪسيون ويون آهن، مٿان وري انهن زمينن تي ٽيڪس مڙهڻ جي سازش به ڪئي وئي آهي. پنجاب سان تعلق رکندڙ ناڻي واري وفاقي وزير (فنانس منسٽر) هاڻي جيڪا دفاعي ٽيڪس (ڊفينس ٽيڪس) مڙهي آهي، ان جو به اڌ کان وڌيڪ بار سنڌ کي برداشت ڪرڻو پوندو سڄي ملڪ مان لڳ ڀڳ ١٢٠٠- ڪروڙ (ٻارنهن ارب) روپيه دفاعي ٽيڪس پوندي جنهن مان ٨٠٠- ڪروڙ (اٺ ارب) روپيه سنڌ مٿان مڙهيا ويا آهن. هاڻي ڀلي ڪٿي سنڌي ماڻهن جي رد عمل کان ڊڄي گهٽتائي به ڪن پر پوءِ به پنجاب جي فوج ۽ سول نوڪر شاهي جي اندر

ڪاري ڪردار جي خبر تہ ٻوي ٿي تہ سنڌن من ۾ سنڌين خلاف ڪيڏي نفرت جو آڙاهہ ٻربل آهي. حقيقت ۾ تہ پنجابي سنڌ ۽ سنڌين ڪي نپوڙڻ ٿا چاهين. هو چاهين ٿا تہ رڳو سنڌي ماڻهو پنهنجي حقن لاءِ آواز اٿارين تہ ڪين هر طرح سان ختم ڪيو وڃي. دنيا ۾ ڪٿي بہ اهڙو ڪو مثال نٿو ملي جو ڪنهن سامراجي حڪومت پنهنجي نوآباديات تي ايڏو ڏاڍو هنيو هجي جهڙو هن وقت، سنڌ تي لڳي رهيو آهي. هن نام نهاد آزاديءَ جي دؤر ۾ سنڌ کي وحشي پيرن سان لتاڙيو پيو وڃي، تازو ملٽريءَ (فوجي) جي فنانشل دماغ ڊاڪٽر محبوب الحق وري ورجايو آهي سو بہ ٿي ويءَ تي تہ ڪالا باغ ڊيم کي نئين ترميم تحت ڏاهيو ويندو، اها ڄڻ مظلوم قومن کي ڌمڪي واري انداز ۾ اهو چيو ويو آهي. تہ اسان ڊيم ضرور ڏاهينداسين پر ان تي خرچ ڪيترو ٿيندو، ان مان ڪهڙو فائدو يا نقصان ڪيترو ٿيندو بجلي ڪيتري پيدا ٿيندي ۽ آب پاشي لاءِ ان مان ڪيترو پاڻي ملي سگهندو انهن سوالن جي ڪابہ وضاحت ڪانہ ڪئي ويئي آهي. ٻئي طرف سرڪاري اهلڪارن ۽ حڪمران پنجابي فوج ۽ سول بيوروڪريسي پنهنجي بيانن ذريعي واضح ڪيو آهي تہ ”ڪالا باغ ڊيم مان آب پاشيءَ لاءِ پاڻي استعمال ڪونہ ٿيندو.“ ياد رهي تہ سنڌ کي ١٩٤٦ع واري ڏاهہ موجب جيڪو پنجاب ۽ سنڌ سرڪار وچ ۾ آخري ڏاهہ هو ۽ رائو ڪميشن تحت کهڙو ۽ قزلباش جي شملا ميٽنگ ۾ جيڪو ڊرافٽ تيار

ڪيو ويو هو، ان مطابق ”ان وقت سنڌ کي جيترو پاڻي ملي رهيو هو ان ۾ گهٽتائي نه ٿيندي ۽ اڳتي هلي سنڌ جو حق ان ئي ڪوٽا مطابق محفوظ رکيو ويندو.“ پر ڏڌو وڃي ته معاهدن کي ٽوڙيو آهي اڄ تائين سنڌ جي اجازت کان سواءِ سنڌ جو پاڻي اغوا ڪيو ويو آهي. ان مسئلي حل نه ٿيڻ جو وڏو سبب هي هو ته ايوب خان جي ڊڪٽيٽرشپ واري دؤر ۾ سنڌ جي ماڻهن کي ڪوبه آواز نه هو تنهنڪري اڄ تائين نه ڪو فيصلو ٿي سگهيو آهي ۽ نه ئي مسئلي جو حل ڳوليو ويو آهي. ان وچ ۾ چشمه رائيٽ بئنڪ ڪينال جو پاڻي کنيو ويو آهي، تربيلا ڊيم، منگلا ڊيم ۽ هاڻي ڪالا باغ ڊيم جا منصوبا ڏاهي پاڻي اغوا ڪيو پيو وڃي، اسان کي اڳ ئي پاڻي گهرج ۽ ضرورت کان گهٽ ٿو ملي جنهن ڪري سنڌو درياءَ جي چوڙ وارو حصو ۽ ڏني وٽ جيڪو (DALTA) دوآبو آهي اهو تمام بري طرح متاثر ٿيو آهي ڇو ته اهو دوآبو دنيا جي پکين جو ناياب پناهگاهه آهي. بلڪل ائين جيئن سنڌ ڌرتي دنيا جي پناهگيرن جو پناهه گاهه تيئن وري سنڌو درياءَ دنيا جي پکين جو ناياب پناهه گاهه آهي. اڄ نه رڳو دنيا کي امن جو پيغام ڏيندڙ ڌرتي سنڌ پناهگيرن جي آزار جي ڪري جنگ جو ميدان بڻيل آهي پر سنڌ مان پکين جو به پناهه گاهه ختم ٿي رهيو آهي. سنڌ جو سمورو قدرتي نظام سنڌو درياءَ تي منحصر آهي. سنڌ جي سڄي خوبصورتي

۽ سونهن سنڌو درياءَ جي ڪري آهي سنڌين جي تاريخ، جاگرافي، تهذيب ۽ ثقافت، رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن ۽ رواجن مطلب ته زندگيءَ جي سموري جوڙجڪ ۽ سونهن آبادي ۽ شادابي تي سنڌو درياءَ جو نهايت ئي گهرو اثر آهي. ان قدرتي ماحول کي ختم ڪرڻ لاءِ پنجاب جي آفيسر شاهي جيڪا منصوبه بندي ڪري رهي آهي اها نه رڳو قدرتي قانون جي پر دنيا جي عالمي قانون جي ڀڃڪڙي آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو.

دنيا ۾ هن وقت جيڪي به ترقي يافته ملڪ آهن توڙي جو غير مسلم آهن پر قدرتي نظام کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڪنهن به رڪاوٽ بنديءَ تي عمل نه ڪيو اٿائون پر سنڌو درياءَ کي سڪائڻ لاءِ پنجاب قدرتي نظام خلاف رڪاوٽ بندي تي عمل ڪري سنڌ مان جهنگلات جو خاتمو ڪرڻ ٿو چاهي ان سازش ۾ انسان توڙي جانورن جا قدرتي وسيلا ختم ٿي ويندا، سرسبز ۽ شاداب ملڪ بيابان بڻجي ويندا، جيئن انساني لاپرواهيءَ جي ڪري دنيا ۾ ڪئي آباديون، بربادين ۾ تبديل ٿي ويون آهن جهڙوڪ آفريڪا ۾ ”صحارہ“ جهڙا بيابان ۽ رڻ پٽ ۽ سنڌ ۾ ٿر ۽ ريگستان جهڙا رڻ پٽ، دنيا جا سڌريل ملڪ روس، آمريڪا، فرانس ۽ يورپ جون قومون ۽ ملڪ پنهنجي قدرتي نظام کي سنڀالڻ برقرار ۽ بحال رکڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيون آهن پر اسان جهڙا غريب ۽

ڏتڙيل ملڪ قدرتي نظام کي سنڀالڻ بجاءِ تباهه ڪرڻ جي تيارين ۾ لڳل آهن جيڪو زندگي ۽ انسانيت خلاف وڏو ڏوهه آهي، تنهنڪري پنجاب کي قدرتي نظام خلاف جنگ جوٽڻ بجاءِ ان جي حفاظت جو سوچڻ کپي.

٨- سنڌ جي قدرتي وسيلن تي قبضو!

جيئن اڳ ۾ ئي لکيو اٿم ته ”سنڌ هڪ زرعي خطو آهي عام سنڌي ماڻهوءَ جي اڪثريت جو گذر سفر هارپي تي آهي.“ چو ته سنڌ جي ڪمائي نه رڳو سمورا وسيلا ڌارين جي قبضي ۾ آهن پر سنڌ جي سمورن قدرتي وسيلن تي پڻ ڌاريا قابض آهن. شهرن جو پئسو شهرن ۾ رهڻ ڪري يا شهرن مان مختلف صوبن ڏانهن منتقل ٿيڻڪري سنڌ جون ڀهراڙيون پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي ڀهراڙين کان به وڌيڪ پٺتي پيل آهن پر تنهن هوندي به اسان وٽ بجيٽ آباديءَ جي بنيادن تي ورهائي ٿي وڃي. ٽيئي صوبن کي قدرتي وسيلن جي استعمال جي عيوض مرڪز وٽان معاوضو ملي ٿو پر سنڌ کي جڏهن فتح ڪيل علائقو سمجهي ان کي ڪوبه معاوضو نٿو ڏنو وڃي. سرحد کي بجلي پيدا ڪرڻ عيوض معاوضي طور خاص حصو ملي ٿو. بلوچستان کي گئس پيدا ڪرڻ ڪري حصو ملي ٿو، پر سنڌ کي تيل ۽ گيس پيدا ڪرڻ ڪري ڪوبه معاوضو يا حصو نٿو ڏنو وڃي. بندرگاهه سنڌ ۾ آهي پر پوءِ به ان جي

ڪمائي مان سنڌ کي هڪ پئسو به نٿو ملي، ايتريقدر جو سنڌ ۾ جيڪي وڏا ادارا آهن، اسٽيل مل ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۽ آئل ۽ گيس ڊولپمينٽ ڪارپوريشن وغيره انهن ۾ سنڌي ماڻهن کي ڪابه نوڪري وغيره نٿي ڏني وڃي، ان کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا به معدني ذخيرا ڳولي لڌا ويا آهن جن جو فائدو پڻ سنڌ کي نٿو ملي، سنڌ جي ڪن هنڌن تي ڪوئلي، شيشي، ٽامي، لوهه ۽ جپسم مٽي جا وڏا ذخيرا ڳولي لڌا ويا آهن پر انهن وسيلن کي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ استعمال ڪرڻ بجاءِ ان کي ٺورلاٽ جو مال سمجهي ڪچي مال جي صورت ۾ تمام سستي اگهه ۾ ڏيساور جي منڊي کي وڪڻي ناڻو ڪمايو ٿو وڃي ۽ ٻئي طرف انهن ڪاڻين ۾ پنجاب ۽ سرحد مان ماڻهون لڏائي سنڌ ۾ آباد ڪيا ٿا وڃن. مطلب ته سنڌ جو هر قدرتي وسيلو به چڻ قدرتي آفت بڻيل آهي سنڌ جو هر وسيلو پوءِ اهو قدرتي هجي يا غير قدرتي ڌارين جي قبضي ۾ آهي، سنڌي ماڻهوءَ کي ان مان ڪوبه فائدو حاصل ناهي، ان کان وڏيڪ ٻي ناانصافي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي.

ڪوڙا سسئم ۽ ڌارين جي واويلا:

سنڌي ماڻهو پنهنجي گهر ۾ به پاڻ کي اڪيلو ۽ ٻي گهر ٿا محسوس ڪن، سنڌ جون ڀهراڙيون، هڪ

طرف زندگيءَ جي بنيادي سهوليتن کان بلڪل محروم
آهن پيو وري تعليمي ماحول جي لحاظ کان بلڪل پٺتي
پيل آهن، جنهن ڪري حڪومت ملڪي تاريخ جي
چاليهن سالن دوران سنڌي ماڻهن کي ڪوٽا سسٽم[1] واري
هڪ ننڍڙي قانوني رعايت ڏني ان ننڍڙي قانوني رعايت
کي به ختم ڪرائڻ خاطر سنڌ ۾ رهندڙ اردودان ٽولو
پنهنجي سڄي طاقت استعمال ڪري رهيو آهي. جڏهن ته
ان ٽولي کي خبر آهي ته ڪوٽا سسٽم نه رڳو سنڌ ۾
پر سڀني صوبن ۾ قائم آهي اهي ايترا معصوم به ناهن
جو کين اها خبر نه هجي، هونءَ به منهنجي معلومات
مطابق اردودان ٽولي جي حق تي سنڌي ماڻهن ڏاڙو
ناهي هنيو پر پنجابين ۽ پٺاڻن هنيو آهي سنڌي ويچارا ته
پاڻ ئي مظلوم آهن ۽ اڪثر ڪري ٻهراڙين ۾ رهندڙ
آهن، شهرن ۾ انهن سان برابري ڪندڙ ۽ اقتصادي ٽڪراءُ
۾ ايندڙ سنڌي ماڻهو ناهن پر اهي به غير سنڌي آهن،
جيڪي اڳ ۾ ته شيئر هولڊر بڻجي سنڌ تي گڏيل عمل
تحت ڏاڙا هڻندا هئا پر هينئر اقتصادي ۽ معاشي مسئلن
جي ڪري اڏٻٽ پيدا ٿيڻ ڪري هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ
واري پوزيشن ۾ آهن. اردودان پناهگير جيڪي اخباري
پروپيگنڊه ۽ شهري هجوم جي دٻاءُ ڪري ملڪي مسئلن
تي اثرانداز ٿين ٿا کين سموري خبر آهي ته ڪوٽا سسٽم
پنجاب، سرحد، بلوچستان ۾ پڻ قائم ڏل آهي جنهن جي
ونڊ ورڇ هينئن ريت ٿيل آهي، فرق هي آهي ته سنڌ

۾ سنڌي ۽ غير سنڌيءَ جي بنياد تي ڪوٽا سسٽم قائم ڪيل آهي. ڇو ته سنڌ هن وقت جنهن تاريخي دؤر مان گذري رهي آهي، ان تحت جڳ هڪ بين الاقوامي يتيم خانو بڻيل آهي، پر ٻين صوبن ۾ ڪوٽا سسٽم ترقي يافته ۽ پٺتي پيل علائقن جي بنياد تي قائم ٿيل آهي. ان لحاظ کان پنجاب ۾ ان جي اصولي ورڇ هيئنئن ٿيل آهي ته اتي ٻه زون قائم ٿيل آهن هڪ زون پهريون جنهن ۾ پنجاب جا سڌريل يا ترقي يافته علائقا شامل آهن، زون ٻيو جنهن ۾ سڄو بهاولپور ڊويزن، ڊي جي خان (ڊيره غازي خان) ڊويزن، فيصل آباد ڊويزن جو ضلعو جهنگ، ۽ سرگودا ڊويزن جا ٻه ضلع، ميانوالي ۽ بکر راولپنڊي جا ٻه ضلعا اٽڪ ۽ جهلم شامل آهن. باقي سڄو پنجاب زون هڪ ۾ شامل آهي. صوبو سرحد اهڙي ريت پنجن زونن ۾ ورهايل آهي. سنڌ کان سواءِ ٻين صوبن جو انتظام اهڙو ڪڙڪ آهي جو ڪير ڌاريو ماڻهو مسلمان ڀاءُ يا ملڪي ڀاءُ جي نالي ۾ انهن صوبن ۾ داخل ٿيڻ جو سوچي به نٿو سگهي. پر سنڌ ۾ هر غير سنڌي ڌاريو ايڏو ته چالاڪ ٿي ٿو وڃي جو شهرن مان نڪري پٺتي پيل ضلعن جهڙوڪ دادو، ٺٽو، بدين، ٿرپارڪر ۽ سانگهڙ مان پئسن جي زور تي ڪوڙا ڊوميسائيل ٺهرائي سنڌين جي حق تي ڌاڙو هڻڻ کان به نٿو ڪيٻائي ۽ اسان جا سنڌي آفيسر هڪ ته ڪمزور آهن ٻيو ڊڄڻا ڊپٽي ڪمشنر جهڙو ماڻهو فوجي سپاهيءَ کان پيو ڊڄندو

۽ پٽيوالي ڪلارڪ کان وٺي مٿي آفيسر گريڊ تائين رشوت جو ايڏو آزار آهي جو خود سنڌي آفيسر چند ٽڪن لاءِ پنهنجي قومي فرض جي خلاف ڪم ڪرڻ کان به نه ڪيٻائيندو آهي، پئسي تي پنهنجي ضمير جو سودو ڪري ڇڏيندو آهي، ڪيترائي هزارين ڪوڙا ڊوميسائل اهڙن ضلعن مان ٺا ڏهن جتي پنوالي کان وٺي آفيسر تائين سڀو عملو سنڌي آهي. جنهن مان سنڌي عملدار جي جي پرورش پوي ٿي. ۽ سون تي سيٺ مٽائڻ واري پاليسي تي عمل پيرا ٿي پنهنجي قوم کي نقصان ٿا پهچائن. اسان کي اهڙن سنڌي آفيسرن تي فخر آهي جن ڊپ ڏاءِ يا لوڀ لالچ ۾ اچي پنهنجي قوم کي ڪنهن به قسم جو نقصان ناهي پهچايو.

سنڌي نوجوانن ۾ بيروزگاري!

اسان اڳ ۾ پڌرو ڪري آيا آهيون ته سنڌي نوجوانن ۾ بيروزگاريءَ جا سبب ڪهڙا آهن ۽ رڳو سنڌي ماڻهن جي مقدر ۾ ئي بيروزگاري ڇو آهي. سنڌ ۾ به سنڌي کي روزگار ميسر ناهي ۽ مرڪز ۽ وفاقي کاتن ۾ سنڌين جي ڪوٽا تي ايمانداريءَ سان عمل ڪيو وڃي ته جيڪر ڪوبه سنڌي نوجوان بيروزگار نه رهي گهٽي ڏيکهه ۾ وڃڻ بجاءِ اسان سنڌي بيروزگارن جا انگ اکر ڏئي رهيا آهيون جن جو تعداد هزارن ۾ آهي.

مختلف ضلعن ۾ بيروزگار سنڌي نوجوانن جي لسٽ:-

نمبر	ضلعو	ڊاڪٽر	انجنيئر	زرعي ماهر	سائنسدان	آرٽس	ڪل
۱-	سانگھڙ	۳۵۸	۲۳۷	۱۸۹	۱۱۵۶	۱۸۱۵	۳۷۵۵
۲-	ٿرپارڪر	۵۸۳	۴۵۱	۱۹۹	۱۰۰۰	۱۶۹۷	۵۵۸۲
۳-	جيڪب آباد	۲۸۲	۲۰۵	۲۶۷	۱۳۲۶	۲۲۶۸	۴۲۴۸
۴-	سکر	۵۴۹	۳۶۷	۲۷۶	۱۸۵۱	۲۷۹۵	۵۸۳۸
۵-	خيرپور	۴۸۳	۲۸۱	۱۵۸	۱۷۴۷	۲۴۷۶	۵۱۴۵
۶-	بدين	۲۰۸	۱۲۴	۰۸۵	۷۸۷	۱۴۸۰	۲۶۸۳
۷-	حيدرآباد	۹۲۵	۵۷۰	۳۸۲	۳۱۰۲	۵۱۶۶	۱۰۱۴۵
۸-	نواب شاهه	۶۰۶	۳۹۸	۶۸۱	۱۵۷۲	۳۰۹۴	۵۹۷۲
۹-	دادو	۴۷۹	۳۵۴	۴۷۷	۱۳۷۴	۲۳۷۳	۵۰۵۷
۱۰-	لاڙڪاڻو	۵۹۸	۴۰۱	۵۰۵	۱۷۵۳	۲۸۶۹	۶۱۲۶
۱۱-	شڪارپور	۲۶۸	۱۸۴	۱۳۱	۱۰۰۷	۱۷۲۵	۳۳۱۵
۱۲-	ٺٽو	۲۷۵	۲۷۵	۲۰۹	۹۹۷	۱۹۰۲	۳۲۷۷
	ڪراچي سنڌ کانسواءِ	۵۶۱۴	۳۸۴۷	۲۹۶۴	۱۸۳۲۵	۳۰۴۶۰	۶۱۱۴۴

آدمشماري بابت غلط فهمي ۽ سنڌين سان ناانصافي

ان حقيقت ۾ ڪنهن به شڪ جي گنجائش ناهي ته سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جي آبادي هن وقت ڪنهن به صورت ۾ (٧٥) سيڪڙو کان گهٽ ناهي. عام طور لکيو ۽ چيو ٿو وڃي ته سنڌ ۾ سنڌي (٥٢ سيڪڙو) آهن سي انگ اکر منهنجي تازي معلومات مطابق صحيح ناهن ڇو ته آدمشماري بابت عام تاثر آهي ته ٻهراڙين ۾ (٨٠ سيڪڙو) ماڻهو رهن ٿا. تازين عام چونڊن ۾ صوبائي توڙي قومي اسيمبلين ۾ (٨٥ سيڪڙو) سنڌي ميمبر چونڊجي آيا آهن جڏهن ته ڪيترن ئي هنڌن جي حد بندي بدلائي غير سنڌين جي فائدي ۾ ڪئي ويئي هئي، ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر ۾ ڪيترائي اهڙا تڪ هئا، جن تي هميشه کان وٺي نج سنڌي ماڻهو چونڊجي ايندا هئا. پر انهن تڪن ۾ ڦير گهير ڪري سنڌين جي سيٽن تي ڌاڙو هنيو ويو ۽ ڌانڌلي ۽ چالاڪيءَ سان اتي غير سنڌين کي چونڊايو ويو. جڏهن ته اتي سنڌي ماڻهو واضح اڪثريت ۾ هئا. هڪ نام نهاد تنظيم حيدرآباد ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ڀتين تي لکيو آهي ته سنڌ ۾ (٩٨ لک) ماڻهو اردو ڳالهائيندڙ آهن ۽ (٤٢ لک) سنڌي ڳالهائيندڙ رهن ٿا، جڏهن ته اهو هڪ سفيد ڪوڙ آهي. آدمشماريءَ جي حساب موجب سڄي ملڪ ۾ (٢٥ لک) اردو مادري ٻولي ڳالهائيندڙ پناهگير رهن ٿا جن مان ٢٠ لک سنڌ ۾ رهن ٿا ۽ باقي (٥ لک) سنڌ کان ٻاهر رهن ٿا

سڄي سنڌ جي آبادي هن وقت ٻه ڪروڙ آهي- پر سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن سان ظلم هي آهي ته سنڌ ۾ انتهائي ڪمزور سنڌي حڪومت ۾ ڏهه سيڪڙو پناهگيرن کي پنجاهه سيڪڙو نمائندگي ڏني ويئي آهي. اهو صرف ۽ صرف اخباري پروپيگنڊا ۽ پناهگيرن جي شهري هجوم جي دٻاءَ جي نتيجي ۾ سنڌ جو گورنر ٻه سندن آهي. نه رڳو گورنر پر اڪثر ڪري ڪامورا شاهي ٻه سندن ئي آهي، ضلعي ميجسٽريٽ، ضلعي پوليس آفيسر ۽ سيڪريٽريٽ ۾ گهٽي ۾ گهٽي پاڳي ملازم اردو ڳالهائيندڙ پناهگير يا پنجابي آهن، ان جو مطلب ته هن وقت ٻه سنڌ ڪي غير سنڌي انتظاميه هلائي رهي آهي. جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي ڪامورا همت ڀريا آهن، ته انهن تي دٻاءُ وڌو ٿو وڃي پر جيڪڏهن ڪو بزدل آهي ته اهو وڏيڪ سنڌ دشمن ٿي ڪري ڪم ٿو ڪري.

١٢- سنڌ جي تاريخ ۽ تاريخي هنڌن جي تباهي

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ واحد صوبو آهي جنهن جي تاريخ ۽ تاريخي هنڌن کي ڇاڻي واڻي ۽ شعوري ڪوشش سان تباهه ۽ برباد ڪيو ويو آهي. حيدرآباد جو تاريخي قلعو جيڪو سنڌ جي تاريخ جي هڪ دؤر جو اهڃاڻ آهي اهو ڪنهن دشمن جي قلعي وانگر مال غنيمت سمجهي والاريو ويو آهي. ان کان سواءِ سنڌ جا ٻيا تاريخي هنڌ

ٻڻ هن وقت زبون حال آهن. سوهن جي دڙي کي سم ۽ ڪلر کان خطرو آهي رني ڪوٽ لاءِ هڪ سيمينار منعقد ڪري وري ان کي تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي حوالي ڪيو ويو آهي. رني‌ڪوٽ جي مرمت ۽ تفريح لاءِ ڪوبه ترقياتي ڪم نه ڪيو ويو آهي، سنڌ جي تاريخي شهرن جا نالا تبديل ڪيا پيا وڃن، سنڌ جي ماضيءَ ڪيءَ مثالن جا سڀ حربا هلايا پيا وڃن، سنڌ جي ماضيءَ جي تاريخ جا ڪيئي فائيل جيڪي تعداد ۾ سوايا ٽي سؤ ڇيا ٿا وڃن ڪراچي‌ءَ جي ڪمشنريءَ مان گم ڪيا ويا آهن. سنڌ بابت انگريزي دؤر جي معلومات لاءِ هن وقت ڪوبه وسيلو ناهي، تازو حيدرآباد جي تاريخي قلعي جي ميوزيم کي باهه ڏئي ساڙيو ويو، ان مان قيمتي تاريخي شيون چورايون ويون ۽ وڳوڙ پسند ماڻهن ذريعي ڦرلٽ ڪري سنڌ جي تاريخي شين کي گم ڪيو ويو، جيڪي ماضيءَ جي تاريخ بابت نادر نمونا هئا، معني سنڌ اندر سنڌ جي تاريخ کي ڪوبه تحفظ مليل ناهي، ماضيءَ ۾ ٻڻ سنڌ الاجي کي باهه ڏئي ساڙيو ويو هو، آخرڪار سنڌ ۽ سنڌين کي ڪهڙي غلطيءَ جي سزا ملي رهي آهي؟ اسان مطالبو ٿا ڪريون ته سنڌ جي تاريخي حيدرآباد واري قلعي کي جلد کان جلد خالي ڪرايو وڃي ۽ لاهور جي تاريخي قلعي وانگر ان کي به تاريخي -تفريح سير ۽ سياحت لائق بڻايو وڃي، ان ۾ هڪ عاليشان ميوزم ٺهرايو وڃي. ۽

ان ۾ شهيد هوشو شيدي يادگار قائم ڪيو وڃي، جيئن سنڌ جي تاريخ جو تحفظ ٿي سگهي.

١٣- سنڌ جا مسئلا ۽ مختلف پارٽين جو ڪردار

سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جا جيڪي چاليهن سالن کان وڏي قومي مسئلا رهيا آهن اهي ڏينهون ڏينهن وڌنــدا رهيا آهن، ڪنهن به حڪمران انهن ڏانهن سنجيدگــيءَ سان ڌيان ناهي ڏنو. سنڌين جي زخمن جو علاج ڪرڻ بجاءِ انهن تي مرحم رکڻ بجاءِ انهن تي لوڻ ٻــرڪيو ويو آهي، انهن کي ڪينسر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. انهن سڀني جي ڪري اڄ سنڌ ۾ قومي سوال اوج تي آهي جيڪا به ڌر سنڌ يا سنڌين جــي ڳالهه ڪري ٿي ان کي سنڌي ماڻهو ٻڌن ۽ برداشت ڪن ٿا پر جيڪو سنڌن مفاد جي ڳالهه نٿو ڪري انهن کي ڪو سنڌي ماڻهو ٻڌڻ لاءِ به تيار ناهي، سنڌ جي قومي مسئلي اڄ ڪلهه ملڪي سطح جي پارٽين جي وجود ۾ ڪاٽ هڻي ڇڏيا آهن، انهن جي مضبوط ديوارن ۾ ڏاروڻ وجهي ڇڏيون آهن.

ملڪي پارٽيون:- ملڪي پــارٽين ۾ هــن وقــت جيڪا به پيچ ڊاهه ٿي آهي يا ٿي رهي آهي ان جــو واحد سبب سنڌ جو قومي مسئلو آهي. ملڪي پارٽين ۾

هن وقت پيپلز پارٽي، نيشنل پيپلز پارٽي، پاڪستان نيشنل
پارٽي، عوامي نيشنل پارٽي، نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي
مسلم ليگ، قومي محاذ آزادي شامل آهن. جن ۾ مذهبي
پارٽيون جميعت علماءِ اسلام، جميعت علماءِ پاڪستان
جماعت اسلامي ۽ ٻيون پارٽيون شامل آهن، انهن سڀني
کي پنهنجا پنهنجا پروگرام پارٽي آئين ۽ منشور آهن.
ملڪي سطح تي پيپلز پارٽي کي انفرادي قوت حاصل
آهي پر هن وقت ڪن غلط قدمن جي ڪري سنڌ ۾
اهڙي قوت باقي نه رهي آهي جيڪا ماضيءَ ۾ هئي،
تازو مخدوم خليق الزمان هائي مرڪزي ڪميٽي تان به
استيفا ڏني آهي، هن جڏهن سنڌ جي دوري ڪري سنڌ ۾
سنڌين جي قومي حقن جي ڳالهه ڪئي تڏهن کيس
سختيءَ سان نوٽس ڏنو ويو ۽ پنجاب جي دٻاءَ جي ڪري
کيس سنڌ جي صدارت واري عهدي تان هٽايو ويو. ۽
پ پ جي ليڊرشپ هن وقت ڪنهن صورت ۾ پنجاب
۽ پنجابين کي ڪاوڙائڻ نٿي چاهي ۽ ساڳئي وقت
سنڌين کي به خوش رکڻ چاهين ٿا جيڪو هڪ ٻئي
جي ابتڙ ۾ آهي. هن وقت پ پ وارا لاشن جي سياست ۾
شهادت جهڙي پرڪشش نالي ۾ پنهنجي حمايت برقرار
رکيو ٿا اچن، ڪين سنڌ يا سنڌين سان ڪا به همدردي
ناهي جيڪڏهن ڪين همدردي آهي آهي ته اقتدار جي
ڪرسيءَ سان آهي باقي ٻين ملڪ گير پارٽين سان سنڌ

جي حقن جي اميد رکڻ ايئن آهي جيئن ٻيڙن کان ٻير گهرڻ. ڇو ته انهن جي سنڌ ۾ ڪابه حيثيت ناهي.

سنڌ سطح جي پارٽين ۾ جيئي سنڌ تحريڪ، اڳوڻي عوامي تحريڪ، سنڌي هاري ڪميٽي، وطن دوست پارٽي، سنڌي هاري تحريڪ، جمعيت علماءِ سنڌ، سنڌ ساگر پارٽي، سنڌ ڪانگريس ۽ ٻيون ننڍيون وڏيون پارٽيون آهن. جيڪي پڻ سنڌ جي مسئلن تي قومي نقطئه نظر سان سوچڻ ٿيون پر انهن جي پاليسي سنڌ جي مسئلن بابت واضح ۽ چٽي نـاهي. انهن مان ڪي هڪ طرف ملڪي پارٽين جا حصا آهن ٻيون ايم آر ڊيءَ جو حصو باقي چند پنهنجي الڳ ٿلڳ حيثيت ۾ سنڌ جي قومي مسئلن بابت واضح ۽ چٽي پاليسي رکن ٿيون، انهن مان جيئي سنڌ تحريڪ نج قومي پارٽي آهي. جنهن جو بنياد سنڌ جي نج قومي مسئلن تي آهي ۽ وڏي عرصي کان وٺي سنڌي ماڻهن جي خالص قومي مسئلن تي جدوجهد ڪندي آئي آهي هن وقت به قومي مسئلي تي ٻين پارٽين جي ڀيٽ ۾ جيئي سنڌ تحريڪ واضح موقف رکي ٿي. هتي ڪي پاٽيون رکيو موجوده حڪومت کي هٽائڻ ٿيون چاهين ۽ انهن مان ڪي اهڙيون به آهن جيڪي موجوده حڪومتي ڍانچي ۾ وزيراعظم شپ وٺڻ جي خواهش به رکن ٿيون پر جيئي سنڌ تحريڪ ئي واحد قومي تنظيم آهي جيڪا سنڌين جي قومي حقن جي حاصلات تي ڪنهن به قسم جي سودي بازي ڪرڻ نٿي چاهي ڇو ته "جيڪي قومون

جديد ٻيءَ ڪي نظام تحت غلام ٻڌايون ويون آهن انهن لاءِ ڇوٽڪن جي خوشخبري ڪابہ اهميت نٿي رکي۔ غلام قومن لاءِ اليڪشن يا (ڇوٽڪ) ايئن آهي جيئن قيديسن کي آزاديءَ جي گهر ڪرڻ جي عيوض رڳو پنهنجي مرضيءَ سان جيلر چونڊڻ جي آزادي ڏني وڃي."

پورو ٿيو

قيمت چار روپيہ



ڈاکٹر حمیدہ کھوڑو

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي

دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڇاڪاڻ تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڇاڪاڻ تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڳُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽

چاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪي جو بيجل بوليو)

The Reading Generation **پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ**